




ڪاڳر تي لٽل خيال

# ڪاڳر تي لٽل خيال

## (شاعري)

سرائي محمد رحيم خاصخيلي(رحيم خاصخيلي)

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

جيجل **ماءُ** جي نانءُ
جنهن جي موجودگي زندگي جو احساس آهي
**شهيد بشير خان قريشي**
ان جي پيار ۽ شفقت جي نانءُ جنهن جي آڌار خوف ۽ لالچ جي دنيا
مان آزادي ملي
**ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي صاحب** جي نانءُ
جيڪو **شهيد بشير خان قريشي صاحب** جي جدوجهد ۽ ان
جي شفقت جو تسلسل آهي
پنهنجي سيني معزز استادن جي نانءُ
جن وٽان زندگي جو ڏس مليو
سيني قومي شهيدن جي مائرن، ڀينرن، نياڻين ۽ اولاد جي نانءُ
جن جي خون جي سڳنڌ سان ڌرتي معطر آهي
سيني قومي ڪارڪنن جي نانءُ
جيڪي قومي سفر جا ساٿي رهيا آهن
انهي سيني جي نانءُ
جن جي دلين ذهنن ۽ روحن ۾ سيد جو فڪر هر وقت تازي گلاب
جيان مهڪيل آهي
انهي سيني جي نانءُ
جيڪي گهاٽا دوست آهن جيڪي گهاٽا دشمن آهن
انهن سيني جي نانءُ
جن وٽ ڌرتي ديش ۽ قوم هر شئي کان اهم آهن
انهن پيارن پيارن رشتن جي نانءُ جن جو احساس جيئڻ جو ڪل
اثاثو آهي



ڪاڳر تي لٽل خيال

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (271) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ڪاڳر تي لٽل خيال“** خوبصورت شاعر **رحيم خاصخيلي** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرماڻيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، ٿورا محترم پياري شيواڻي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

# ڪاڳر تي لٽل خيال ۽ بدن جا محاورا

هن جي مون وٽ جيڪا هيستائين سڃاڻپ رهي آهي . اها هڪڙي قومي ڪارڪن واري رهي آهي. هن جو شاعر هجڻ . منهنجي لئه هڪڙو انڪشاف به آهي. اها منهنجي راءِ آهي ته ڪنهن شاعر کان وڌيڪ سماج ۾ ڪنهن قومي ڪارڪن جو عملي ڪم وڌي اثرائتي اهميت رکي ٿو. هي دور جنهن ۾ اسين هلون پيا . انهي دور ۾ شاعرن جي هڪڙي نه ڪٽندڙ قطار آهي. پر اتي قومي ڪارڪنن جو وڏو فقدان آهي. جيڪڏهن ڪٿي ڪو قومي ڪارڪن آهي به سهي ته انهي جي وري لکڻ ۽ پڙهڻ سان مرڳو ڪونه پئي. هي ڪتاب ڏسي دل ۾ خوشي به ٿي ته رحيم خاصخيلي جهڙا قومي ڪارڪن لکڻ ۽ پڙهڻ واري پاسي ڌانهن به آهن. انهي ڪري ئي هو پختا ڪارڪن آهن . بهرحال منهنجي ذهن ۾ هي ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ڪانپوءِ به هن جو جيڪو قومي ڪارڪن وارو خاڪو آهي. اهو اوترو ئي سگهارو بيٺو آهي. شاعري لئه هڪڙي سائين شمشير حيدري جي راءِ هئي. اها هتي نٿو لکان. هڪڙي ڊاڪٽر مبارڪ علي جي راءِ آهي . اها به نٿي لکي سگهجي. پر شاعري سنڌ جي سموري ادب کي پيڙهن کان ليڊ ڪيو آهي انهي جي اڳواٽي ڪئي آهي. باقي دنيا ۾ ائين ڪٿي به ناهي ٿيو . جڏهن ته ادب جون باقي سموريون صنفون شاعري جي ڪري پوئتي رهجي ويون آهن . سنڌ ۾ فلسفو نٿو لکجي يا تمام گهٽ ڪهاڻي، ناول، تاريخ ويندي سياسي ادب به ايترو نٿو لکيو وڃي . شايد انهي جا به ڪي سبب هجن . انهي جي پيٽ ۾ شاعري تمام گهڻي لکي وڃي ٿي . سنڌي شاعري پنهنجي مختلف دورن مان گذري آهي. هڪڙو لوڪ ڏاهپ وارو دور آهي. جنهن ۾ شاعري آهي ته سهي پر ڪنهن به لوڪ گيت جو





هڪ شاعر ناهي هوندو. هو ڪيترن ئي دلين ۽ ذهنن جو پورهئو هوندو آهي. انهي ڪانپوءِ ٻيو دور جنهن کي هاڻ پاڻ شاعري جو درگاهي دور چئي سگهون ٿا. جنهن ۾ سيني شاعرن تي درگاهون ٺهي ويون. پوءِ اهو لطيف هجي، سچل هجي، صوفي صادق کان ويندي چيزل ۽ روحل فقير تائين. انهي شاعري کي وري اياز اتان ڪيئي ڪڍي آيو. اياز سنڌي شاعر کي نوان رنگ لاڙا ۽ فڪر ڏنا. جيڪا تصوف جي مفلر ۾ ويڙهيل شاعري هئي. انهي کي هن بغاوت، وطن پرستي، محبت جا نوان رنگ ڏنا. جڏهن اهي رنگ شاعري جي خيال تي چڙهيا ته شاعري اهي ڪم ڪيا جو سياست جي اول دستي جي سپاهه ٿي وئي. اتان کان وري مرحوم حسن درس شاعري ۾ وري هڪڙو نئون خيال ڪٺي داخل ٿيو. انهي حسن واري شاعري ۾ وطن جي تشريح ڪجهه نئين رنگ ۽ ڍنگ سان ٿيل هئي. انهي شاعري ۾ عورت ۽ شراب سان گڏ رومانس به هو. اهو رومانس وري رومانس کان به ڪجهه وڌي ويو. انهي ۾ منظر نگاري به هئي. ٿيو خير هي جيڪو شاعري جو دور هلي پيو. انهي ۾ گهڻو تڻو حسن وارو فڪري لاڙو آهي. شاعري پنهنجو پاڻ ۾ فن به آهي. اهو فن هن کي حسن به بخشي ٿو. انهي ۾ فڪر به آهي . جيڪو قومن جي رهنمائي ڪري ٿو. اونده ۾ سوجهرو ڪري ٿو. انهي ۾ محسوسات به آهن. جيڪي دل جي ڌڙڪي کي وڌائي سگهن ٿيون. اهي سڀ شاعري ۾ هجڻ ضروري به آهن. هاڻ اوهان کي شاعر جتي ڪٿي ملي سگهي ٿو اهو ايڏو وڏو مسئلو ناهي. پر ڪو قومي ڪارڪن شاعر هجي اها وڏي ڳالهه آهي. هي پاڻ وارو رحيم قومي ڪارڪن تي ڪري شاعر آهي.

هاڻ اچون ٿا پاڻ رحيم جي هن ڪتاب تي، هن ڪتاب کي جيترو مون پڙهيو ۽ سمجهڻ سان گڏ محسوس ڪيو آهي . هي هن جو پهريون ڪتاب آهي. نه اوهين ڪا پڙهي فتوا ڏجو نه وري آئون ٿو ڏيان. هي هن جي پهرئين ڪوشش آهي. انهي ڪري پاڻ سجهندي ئي پهرئين وک

ڪي ذهن ۾ رکندي ڳالهائيندا آهن. هن ڪتاب جي ارپنا به هن طويل ڪئي آهي. جيجل امڙ کان وٺي شهيد بشير خان تائين. هن انهن ڪي پنهنجي شاعري ارپي آهي. هن جيڪو پنهنجي پاران لکيو آهي . هن جي شاعري جي شروعات غزلن کان ڪئي آهي. اهي غزل جنهن ۾ هن خيالن کي روپلو ٽيندي ڏنا آهن. جيڪڏهن اهو روپلو چولياٽي آهي ته واه واه جي ڪولهي آهي ته به ٺيڪ ، هن کي مندر جا گهنڊ به گونگا لڳن ٿا . جيڪڏهن انهن کي ڇهجي ته هو آواز آواز ٿي پوندا .

انـڌيـرن ۾ جـڳـنـو ٿـيـون جـي تـه واه واه

لاٽ ٿـي ٻـرون ٻـاٽ ۾ روشـنـيـون پـکـجـن

***

ڪـنـهـن جـو ڪـنـهـن کـي ٻـک وڌو

مـن ۾ سـيـارا جـاڳـي پـيـا

ٻک وجهڻ سان سيارن جو جاڳڻ ته ٺيڪ آهي پر روشنين جو پوکڻ واري ڳالهه سمجهه کان مٿي آهي. ٻي ڳالهه هن ڪتاب ۾ غزل تمام گهٽ آهن. جيڪي آهن انهن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪو خيال اکين مان ٽيندو دل کي ڇهي گذري ٿو وڃي باقي هن جي غزل جي فني طرح اجان محنت ڪرڻ ۾ شاعري پڙهڻ جي ضرورت آهي. هن ڪتاب جو ٻيو حصو جيڪو آهي. اهو آهي نظمن جو انهي ۾ به ائين ڪٽي ڇئجي ته آزاد نظم آهن. انهن نظمن جي ڪن ڪن بندن ۾ ردم به ڪمال جو آهي. انهن نظمن جا ڪي ڪي خيال ته اهڙا آهن جيڪي مون هن کان اڳ ۾ ناهن پڙهيا ٿي سگهي مون ۾ مطالعي جي کوٽ آهي يا هن ڪمال ڪري نوان خيال تشبيهون آنديون آهن.

مـزارن جـي تـقـدس جـو تصـور اجـان پـي

گـلـن کـي تـبـاهـيـون ڏيـنـدو وجـي پـيـو

نظم پڙهندي پڙهندي هن ٻن سٽن تي منهنجون اکيون ۽ ذهن اچي بيهه رهيا ، پوءِ اکيون ته اتي ئي بيٺيون رهيون پر ذهن ۾ سنڌ جون درگاهون





ڦرڻ لڳيون. ائين محسوس ٿيو ته انهن درگاهن ۾ جتي لوبان جي ڌپ جي حشري آهي. اتي وڏا ساوا پڙ پيا چاڙهيا وڃن هن سائنس جي دور ۾ اتي وري ڪيترن کي گلن جون پکڙيون پيرن جي هيٺان ڪچلجن پيو. برحال اهو خيال جي پيشڪاري نئين آهي.

پـنـهـنـجـي بـدن جـا مـحـاورا

جـي نـه ڪـو سـمـجـهـي سـگـهـي

اوهين ٻڌايو پلا هي خيال اوهان ڪٿي پڙهيو آهي. مون ته ناهي پڙهيو . ته بدن جا ڪي محاورا هجن. هي به سٺو باڪمال آهن . اهي مونکي انهي ڪري باڪمال ٿيون لڳن جو بدن جا محاورا ٿيندا آهن. جيڪي صرف عاشق محسوس ڪري سمجهي سگهي ٿو. ڳوريٽڙا جسم جڏهن چيل کي مروڙو ڏيندا آهن. اهو جسم جو ڪهڙو محاورو آهي . جڏهن سهڻي صورت ٽيڏي اک ڪري ڏسي وري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏي ته ڪهڙو محاورو آهي. جيڪڏهن ڪو مڙي نهاري ۽ وري اڳتي نڪري وڃي ته ڪهڙو محاورو آهي. جڏهن ڪو آرس پيچي ته ڪهڙو محاورو بدن جو ٿي سگهي. بهرحال هي نئين ڳالهه ضرور آهي يا نئون انداز آهي.

نـڪـي تـنـهـنـجـي ڇـاتـي جـي گـهـنـڊن کـي هـاٿـي

ڪُـمَـهُـلـو پـوڄـاري هـاڻ اچـي ڪـو ڇـهـي ٿـو

ڪنهن وينگس جي ڇاتي کي مندر جي گهنڊن سان تشبيهه ڏيڻ ۽ انهي کي به پوڄاري جو نه ڇهڻ اها تشبيهه به منهنجي لئه نئين به آهي ته وٽندڙ ۾ مقدس به آهي.

ڪـهـاڻـي پـيـار جـي سـاري

نـديءَ جـي ٻوڙ وانـگـي هـئـي.

اهي ئي ڪجهه خيال آهن جيڪي مون چونڊ ڪيا آهن ٻيا وري اوهان پڙهو ٿي سگهي ٿو ڪو خيال اوهان جي خيال جو به هجي. جيترو آئون هن ڪتاب کي سمجهي سگهيو آهيان. اجان تمام گهڻي محنت

ڪرڻي آهي رحيم کي پڙهڻو به آهي ته شاعري جي فني پاسن کي به سمجهڻو آهي. خاص ڪري غزل ۾ بحر ۽ وزن کي جڏهن ته نظم ۾ وري خيال جي ڪنٽيونٽي کي ڪٿي ڪٿي ائين ٿو محسوس ٿئي ته خيال ٽٽي ٿو وڃي ۽ آخر ۾ وري نظم جي ڪلائيميڪس به نٿو اچي. خيال کي ڀرپور ۽ چٽو ڪري پيش ڪرڻ لئه پڙهڻو پوندو. هن ڪٿي ڪٿي وطن سان محبت جو اظهار به ڪيو آهي ۽ ڪجهه نظم پيٽا طور به لکيا آهن.

بهرحال هي هن جي ڀهرئين ڪوشش آهي. اڳتي هلي جيڪڏهن پنهنجي مطالعي کي وڌايو ۽ تخليقي سگهه وڌائي ته ٿي سگهي ٿو ته سٺو لکڻ شروع ڪري. باقي هي جنهن سماجي ماحول ۾ رهي ٿو جتي هن جو ڳوٺ آهي. انهي ڳوٺ جي مشهوري جا ٻيا سبب آهن. پر اڳتي هلي ڪري هن جي شاعري جي ڪري ڳوٺ مشهور ٿئي. غلام نبي هن جو نيڊڙو ياءِ آهي ۽ ائين ئي هو منهنجو به نيڊڙو ياءِ آهي. انهي هي ڪتاب مونکي لکڻ لئه ڏنو هن جو خواهش آهي ته رحيم جو ڪتاب اچي. اها غلام نبي جي به سڻي خواهش آهي.

حق موجود سنڌ موجود

**خالد ڪنيار**

**نهٽو مهراڻو ٽر**





## پنهنجي طرفان

# ٽيو ايئن جو

جڏهن جواني جي موسم شروع ٿيندي آهي ته اندر جو نابالغ ٻار پنهنجي مستي ۾ جهومي پوندو آهي ان ڪيفيت جي به هڪ پنهنجي ادا هوندي آهي.

ماڻهو ڪڏهن لغڙن سان گڏ ڏور آڪاش ڏانهن اُڏامڻ جي ڪوشش ۾ محو هوندو آهي ته ڪڏهن وري رينگ ۾ پيل بلورن جيان هڪ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي هجوم تي وجڻ جو شوق جاڳندو آهي. اهو تصور شايد گهٽ ذهنن ۾ جڙندو آهي ته ٿاپوءَ رينگ م پيل بلورن کي لڳي جڏهن انهن کي داڻو داڻو ڪري چڏيندو آهي تڏهن ٿاپوءَ جي ڪمان ٻٽيل آڱرين ۾ جهمريون هونديون آهن پر رينگ ۾ پيل بلورن جي دلين ۾ بيروڪ ڌڙڪن هوندي آهي اهڙيون ڌڙڪنون جڏهن روح جي چڪي ۾ پيسجي ذهن جي گندي ۾ ڪرنديون آهن تڏهن شاعري تخليق ٿيندي آهي شاعري ٽڙندڙ جواني ۽ اوباش محبتن جي پريم ارپنا دوران پيدا ٿيل ان حرامي ٻار جو نالو آهي جيڪو پوءِ لاوارث ۽ آوارا بڻجي پنهنجي تقدير پاڻ ناهي ٿو پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اُها عشق جي محلن ۾ ڏار وجهي چڏيندي آهي ته ڪڏهن وري اُها قومن جي بيداري جو رول ماڊل (ROLL MODEL) بڻجي ويندي آهي

منهنجون هي تخليقون به تصوير آهن انهن حرڪتن جي جيڪي ٻالڪ پڻي ۽ بالغ پڻي جي منهنجي زندگي جي مالڪي تان ٿيل جهيڙي جو نتيجو آهن

تصوير آهن انهن جذبن جي جيڪي فلمي هيروز (HEROES) يان پاڻ کي چڏي ٻين لاءِ پيدا ٿيندا آهن ۽ اڌ حيات ۾ مارجي ويندا آهن.

تصوير آهن انهن جذبن جي جيڪي اڌ رات جو ڪنهن حسينا جي

پاڪر ۾ پيل خماريل وجود جهڙي چرڪجي اوچتو ٽٽل سپنن جي جن چاهيو تہ عشق جو مجنون بڻجڻ پئي پر اوچتو جذباتي نوجوان جي انقلابي نعرن جيان حالتن جي گردشن ڪان زخمي ٿي اڌورا ۽ اڌورا رهجي ويا.

تصوير آهن انهي احساسن جي جيڪي موسيقي جي رڌمن تي ميلي ۾ معصوم ٻار جيان وچائجي ويندا آهن پوءِ مفلسي جي بازار ۾ پوڙهي پيناڪ عورتن جي صدائن سان گڏ واپس موٽندا آهن

تصوير آهن انهن خيالن جي جيڪي سڄي سڄي رات وئيشيا جيئان مست ٿي وقت جي راڪاسن اڳيان بہ خوشي خوشي ۾ نچندا رهندا آهن ۽ پوءِ وڏي رات وئي زخمي پيرن سان پنهنجي ڪئي ۽ ڪمائي تي پڇتائيندا ۽ پنهنجي لٽجي وڃڻ جو ماتم ڪندا گهر موٽندا آهن

تصوير آهن انهن حسرتن جي جيڪي پوڙهي ماءُ اُهو چئہ سنڀاليندي رهندي آهي تہ منهنجو پٽ پڙهي پاس ٿئي تہ سندس ڪنهن لال ڪنوار سان لانئون لاهيان پر سندس ٻيرو پٽ موٽنداتہ آهن پر پڙهي پاس ٿيڻ ڪان اڳ ۾ پڇي راس ٿي منتظر ماءُ جي شفقت ڏي ڊوڙندا ايندا آهن پر انهن جي جوڀن جون بهارون رتوچاڻ ٿيل هونديون آهن سندس سانتيڪا وجود ڳاڙهي جهنڊي جي سائي ۾ اجرڪ جون ڦليون اوٽ ڪري موٽندا آهن پر لال ڪنوار ماڻڻ جا خواب اُتي ئي ڇڏي هو مجنون متوالا بڻجي آزادي جي لالچ ۾ پنهنجا سِر دان ڪري پوءِ موٽندا آهن انهن ڪي ڇهڪندڙ ڄڄ جي بجاءِ ٺهڪندڙ قافلا گهر تائين پڄائيندا آهن اُنهي پوڙهي ماءُ جي ممتا جڏهن اُگهاڙا پير ڪري جن حسرتن جو وجود مُرڪندي مُرڪندي تاريخ جي سامڙي ۾ لاهيندي آهي منهنجيون تخليقون ڪجهہ اهڙن ئي تصورن جي تصوير ٿيڻ جي آس ۾ هڪڙي ڪپڙي ۾ گهران نڪتيون آهن

**(سرائي رحيم خاصخيلي ايڊووڪيٽ)**

**مهراڻ نگر مهپاري ڪنري**





# لکڻ جو فن صفا ڪون ڄاڻان

اها حقيقت آهي تہ جي شاعري جي صدين واري قدامت تي نظر وجهنداسين تہ ڪل پوندي تہ شاعري ان احساس کي سڏيو ويو آهي جيڪو اندر جي پيڙاهہ، غم، خوشي ۽ محبت نفرت کي لفظن جي مالها ۾ پوئي ۽ موسيقي ۾ ڳائڻ واري تربيت ۽ ڪورس جي انداز ۾ لوڪ گيتن ڳائڻ ڪان شاعري شروع ٿئي ٿي

هر ٻولي جو هڪ پسمنظر هوندو آهي جيئن سنڌي زبان ۾ ادب جي ٻولي جو لهجو الڳ ۽ عوامي انداز الڳ ۽ پارلياماني انداز الڳ آهي محبت نفرت جا انداز الڳ آهن مگر ٻولي ساڳي آهي اهڙي طرح شاعري ۽ موسيقي ٻئي ڪن اصولن ڪن قائدن جون قائل رهيون آهن ۽ رهنديون فن ۽ فڪر جو سنگم شاعري جي ذائقي کي خوشبو ۽ حسن بخشيندو آهي. شايد ان ڪري جو اسان جنهن ڪائنات سان ڳنڍيل آهيون اها ڪائنات بہ اصولن سان واڳيل آهي شايد فطرت بہ تربيت ۽ تعمير کي ترجيح ان ڪري ڏني جو موسمن جو حسن بہ اصولن ۽ قائدن ڪانسوا بي رنگ ٿي پوي ها. رات کي خبر آهي تہ شام جي شفق جي الڳ سڃاڻپ آهي. ۽ ڏينهن کي سحر و امتياز معلوم آهي. جيئن آزادي جو متوالو نظرياتي جدوجهد تحت زندگي گذاري ٿو ۽ آواره ۽ ڇڄورو ڇورو خواهشن جي رڻ ۾ ڊوڙي ڊوڙي زندگي بي معنيٰ گذاري ڇڏي ٿو.اهڙي طرح هڪ شاعر لاءِ لازمي آهي تہ هو نظم غزل ڪافي وائي بيت شاعري جي تمام صنفن کي مد نظر رکندي بہ شاعري جا ڪي نوان گس گهڙي ٿو تہ کيس تخليقڪار تسليم ڪرڻ هر اهل قلم جو فرض بڻجي ٿو

هاڻي آئون منهنجي انتهائي پياري دوست رحيم سرائي کي مبارڪ ڏيندس تہ ڀاءُ رحيم تون تنقيدي نہ پر تخليقي شاعر آهين شاعري ۽ عاشقي ۾ ڪنهن استاد جي ضرورت انهي ڪري گهٽ پوندي آهي. جو

شاعري ۽ عاشقي جا دريا پنهنجا گس پاڻ ٺاهيندا آهن. باقي تنقيد ۽ تعريف جوانتظار اهي ماڻهو ڪندا آهن جيڪي دولت ۽ شهرت جا طالب هجن . پاڻ فقير ماڻهن هميشہ سونهن سلامت سنڌ سلامت واري زندگي چاهي آهي. باقي ائين نہ ٿئي جو هڪڙو ڪتابڙو اسان لاءِ اماڻي تون وڪالت مان چار ڏوڪڙ ڪمائڻ ۾ مصروف ٿي وڃين.اها سنڌ ۽ سنڌي شاعري سان بيائي نہ ڪجان

**(دعاڳو مصطفیٰ موج جنون)**
**20-6-2016**





# غزل

ڪالهہ ويسارا جاڳي پيا
۽ تنهنجا چارا جاڳي پيا

ننڊ جو آئي رات اويلي
خواب اسارا جاڳي پيا

تو اٿڻ لئہ ٻانهن ڇڪائي
نيڻ ويچارا جاڳي پيا

ڇا تہ مهاڻي مرڪيو هو
سنڌو ڪنارا جاڳي پيا

ڪنهن جو ڪنهن کي ٻک وڌو
من ۾ سيارا جاڳي پيا

مون چنڊ ڏي چوري نيڻ ڪنيا
افسوس ستارا جاڳي پيا

◆





وئي ويل ناهي خوشيون پوکجن
اجان وقت آهي محبتون پوکجن

دل جي ڌرتيءَ اجا ناهي بنجر بڻي
ڪواڇي جي ڪٽي عاشقيون پوکجن

اجان موسم جوان آهي رفافت سندي
ڪمهليون ڀلا ڇو دشمنيون پوکجن

اجان دلبري ڳيچ ناهي ڏني
ڇو نہ گلابي ڇپن تي چميون پوکجن

اجان موت مڪلي مان ڊاپيو ڪٿي آ
زندگيون پوکجن ۽ جوانيون پوکجن

وري ڪابہ ڄائي نوريءَ نہ ڦاپي بڻي
ديش جي گهر گهر ۾ غيرتون پوکجن

انڌيرن ۾ جگنو ٿيون جي تہ واهہ واهہ
لاٽ ٿي ٻرون ٻاٽ ۾ روشنيون پوکجن

◆

تون تازين تازين تقريبن ۾
مان هر گهڙي بزم بدنصيبن ۾

هاءِ تنهنجي رفافت ٻاجهاري
تقسم ڪري وئي رقيبن ۾

هن عشق اسان سان پوريون ڪيو
هڪ فرق رهيو ڪو حبيبن ۾

مسيحا جي گنجائش ڪونہ رکيم
ويساه تہ وڌو هئو قريبن ۾

هر زخم چڇيو ۽ ناسور ٿيو
ڪا شناسي ڪانہ رهي طبيبن ۾

سهٽيون ڳچيون سپ لٽيون رهزني
ڪا غيرت گهر ڪري ويئي غريبن ۾

◆





ٿو انت سڌي مون کي
پيو پاڻ گڏي مون کي

ٿو روز جهران آئون
ڪوئي تہ اڏي مون کي

ڪا سار ڪٽي آئي
تنهنجي ئي تڏي مونکي

دنيا ۾ تماشو ڪيو
هن روح جڏي مون کي

تون يار هُريو آهين
هر ويل وڏي مونکي

هيڪل نہ جيءَ سگهبو
او وچ نہ چڏي مونکي

◆

اکيون انتظارن ۾ آهن تہ اکيون ڳالهائينديون
ڪڏهن تہ توہ بہ سپرين دلبريون ڳالهائينديون

تنهنجي مزاجن جي مند متجڻ تي آهي
پڪ سمجهي ڇڏيم هاڻي توہ بيرخيون ڳالهائينديون

پنهنجي پاڳن ۾ آهي ازل کان لکيو ويو اهو
تهمتون سهمتون پاڻ تي پيون ڪيتريون ڳالهائينديون

ظلم قائم نہ ظالم ترميم پاڻهين ٿي ويندي
جنهن وقت دل ٻڌي زبانون گونگيون ڳالهائينديون

ديد تنهنجي ڇڻ تہ مقتل جو سڏ هئہ مون لاءِ
اندازو نہ هو تہ توہ ادائون ايتريون ڳالهائينديون

جيجلن جي جهولين جي آ توکي پارت خدا
وطن لاءِ تہ آخر اسان جو سرڪشيون ڳالهائينديون

◆





محبتون مسئلا بنجو وڃن
دوستيون فاصلا بڻجو وڃن

دل جي آڱرين ۾ پرين
يادگيريون ڇلا بڻجو وڃن

تنهنجي گهٽيءَ ۾ پڄي پوءِ
نيڻ دادلا بڻجو وڃن

چنڊ کوليو ڇڏي زخم دل جا
پهر پوءِ ڪربلا بڻجو وڃن

خودڪشي جو ٿا سوچيون ڪڏهن
تون پارا پرجهلا بڻجو وڃن

نا اميدين جي بستي ۾ اچيو
زخم گهرگهلا بڻجو وڃن

وري سنڌ سڏيو آ سڏيو
خيال روپلا بڻجو وڃن

توکي بادل ڏسي هن پونءَ جا
ٿو هر سپ اُتالا بڻجو وڃن

توسان گهاريل گهڙين کي ساري پرين
تصور قافلا بڻجو وڃن

هن ڳوٺ جون سيئي ڇوڪريون
سانجهہ ٿاڻي نرملا بڻجو وڃن

◆

ڪنارا جيترا دلچسپ آهن
درياءِ اوڏاهي عضب آهن

چند قرب پرين تنهنجا
جياپي جو سبب آهن

تون يار پرولي آن
تنهنجا نازئي عجب آهن

جيون جي اثاني ۾
لک رنج ڪجهہ قرب آهن

◆





اُپ اداس آهي سمنڊ اداس آهي
ساحل جو هر گهمنڊ اداس آهي

گداگر گلين ۾ ڳولي نہ پاتو
چلهہ اباڻڪي آهي جنڊ اداس آهي

هيل بارش ڪيون ڪيڏيون نہ رهزنيون
آب نگرين مٿان چنڊ اداس آهي

تون خواب ٿي پرين هيل موٽي بہ آ
نيڻ چرڪي ويا ننڊ اداس آهي

رات طوفان مچريو ۽ هوائون بہ لرزيون
نم ٽارين ۾ ٽنگجي گهنڊ اداس آهي

هٿ خدا ڏي ڪنيا هن پرجهلي لئہ
لاش هن جو وٺي ڍنڍ اداس آهي

◆

(2011جي مها ٻوڏ تي لکيل)

سچ پچين جي پرين حوصلو ناهي رهيو
عشق پنهنجي ۾ اهو ولولو ناهي رهيو

سنڌو جي هئين ۾ سانجهي جيان آهيون
چنڊ تنهنجي چاهه جو چلولو ناهي رهيو

حياتي پروسي جهڙي رهي ئي ڪٿي آهي
جنهن ڏينهن کان ڪو پرجهلو ناهي رهيو

ضابطا سارا پرين موت چني ويو آهي
پاڻ وٽ ته ڪوبه فيصلو ناهي رهيو

دنيا جي وهنوارن ۾ رتيءَ به رهيا ناهيون
پوءِ به مگر توسان ڪو فاصلو ناهي رهيو

جواني سڄي چنڊ ڪٿيون ئي هئي پر
چاهت جو هاڻ سلسلو ناهي رهيو






تنهنجي نيڻن کان پري ٿي جيڪو پي ڪٿيو آهي
هر پهر ڳهر ٿي ويو آهي هر پل زهر ٿي مٿيو آهي

اقرارن جي ڪُڪ ۾ انڪارن جي قنڌي جهڙي
تون هر بار رُٺي آهين تو هر بار ڦٿيو آهي

تنهنجي مڪار روين جي سازش ڪي سبب چئبو
هر بازي ته نه رهي بازي بس توئي ڪٿيو آهي

اميدن جي ٿياسن تي ڪو سرد جسم آهيون
هر ڪنهن ته هتي بس درندو ٿي پٿيو آهي

هر منظر ڪي پتو آهي هر پٿر ٿو اهو ڄاڻي
مون ڏرتي جي رڙن ۾ بغاوت ڪي چٿيو آهي

ڪڏهن تہ ٿيندو اجهو ئي ٿيندو جڏهن بہ ٿيو سرعام ٿيندو
اسان سان ٿيو آ اسان سنو آ اوهان جو گهر بہ ماتام ٿيندو

اسان لاءِ مقتل اسان لاءِ گهاٽا اسان لاءِ ڦٽڪا قصا پراڻا
صدين کان اسان جا سِر ڪٽاڻا نيٺ تہ رت جو انعام ٿيندو

اجهائي چهرو سنڌو جي وينگس ڪڏهن بہ ايڏو اداس نہ ٿي
سگهو ئي آزاد هوائون ٿينديون سگهو ئي نئون ڪو نظام ٿيندون

لمحو لمحو ٿي صديون ڪٽيوسين عذاب باقي بچيو بہ ڇاهي
چڙهيو جو سورج ظلمتن جو ڪڏهن تہ پڪ سان شام ٿيندو

اوسامراجو وٺو تياريون عشق جو اسان تي الهام آهي
ٿوري گهڙي تي اسان جو نالو بغاوتن جو پيام ٿيندو

حيف آ توتي ڪُچين نٿو تون اي وقت توکي پتو بہ آهي
لکي لکين پيو هٽي راتاها ڪڏهن تہ ظالم بدنام ٿيندو

قريب آهين تون مهين جا ماڻهو چند ئي فاصلن تي
زمانوڏسندو گهٽي گهٽي ۾ سرخ جهنڊي کي سلام ٿيندو

جتي بہ ٿاپون چڙيون سنجابن چڪيون گلابي لهو گسن تي
انهي مٽي مان اياز ڄمندو انهي ئي مٽي مان شيام ٿيندو

◆





هيل جو تو پي ساريو ناهي
ڪنهن بہ اسانکي ليکيو ناهي

گهنڊ مندر جا گونگا ٿي ويا
توجي تن کي ڇُهيو ناهي

قبرن تي سپ گُل ڇٽي ويا
ڇا اڃان پي الميو ناهي

ڪير اسان جا ڏُک ڳٽيندو
درد تہ ڪنهن کي ڇڏيو ناهي

تون جي بدلين ڇا ٿي پيو
ڪير بہ هاڻي ساڳيو ناهي

سج هليو ويو ساحل ڏي
مون وٽ پنهنجو پاڇو ناهي

◆

هي رات بہ شايد لهي ويندي
هوءَ هاڻ نہ ايندي هاڻ نہ ايندي

هٿ واهوندن کي ڪير ٻُڌائي
خانہ بدوش در کي دهليز ناهي ٽيندي

پٽ هيمون دودي هوشو جهڙا
سنڌ اڃان ڄڻيندي اڃان ڄڻيندي

منهنجي درد جا اُڏندڙ پنڇي
باک بہ منهنجي ساک پريندي

منهنجي هي معصوم ڪويتا
شاهہ جي هٿ جا جام بہ پيئندي

چنڊ رات ڇيو پئي موئن کي
تنهنجي ڌرتي صديون جيئندي

◆



ڪاڳر تي لٿل خيال

# نظم

## (ڪٿان چري دل قرار ماڻي)

فتن تي پها رهيا نہ هاڻي
ڪٿان چري دل قرار ماڻي
گلي اوهان جي اداس آهي
گلي تي ڪائي سانجهہ تاڻي
ٻوڏار ۾ دل ٻُڏي وئي آ
ترار چڻ ڪا چڀي وئي آ
نهار اڪيلو گهمي پوءِ اڪثر
ٻار وانگي رلي وئي آ
قرار من جو بچيو نہ آهي
گار بڻجي گهڙيون لنگهن ٿيون
پري اوهان کان اوهان بنانءَ
گهڙيون سي اڪثر ڪڙيون لڳن ٿيون
شهر تنهنجو يتيم وانگي
شهر ساڳي رهيو نہ آهي
پرين پرين او اوهان کان پوءِ
ڳهر ساڳي رهيو نہ آهي
ڳڻي ستارا ياد تارڻ
ڪڏهن نہ سارڻ پرين وسارڻ
اسان جو ڪاٿي وس آهي





تنها اوهان کان اڪيلو گهارڻ
مگر پوءِ ضروري آهي
اوهان اسان سان رهيا ڪٿي هو
اسان اوهان کي ڇڏيو وڃائي
مگر اوهان جي چميءَ سا پوئين
اوهان ڏني جا رات ترندي
رات ترندي لڳي ٿي سائي
گهات ۾ ڪو لاش ٻرندي
گهات سو پيي پرين ڏنگي تو
جتي تو پاڪر پري وڏو آ
جتي جو پاڪر پرين ٿتو هو
تڏهن کان اجڙيل اڪيليون ٻانهون
فرياد بڻجي رلن ٿيون ٻانهون
پرين الاءِ ڪڏهن الاءِ
ورڻ اوهان جو هاڻ ٿيندو
ورڻ اوهان جو پرين نہ ٿيو جي
مرڻ اسان جو پڪ ساڻ ٿيندو
مرڻ کانپوءِ پرين پلي تون
وري نہ اچجان ڪڏهن نہ اچجان
ڪڏهين جي فرصت ڏيئي بهانو
حيات هوندي ملي تہ وڃجان
اوهان سوائي تو درد ڇاڻي
ڪٿان چري دل قرار ماڻي

◆

## (الميو)

رڳو سوڳوارين جو ڏکو الميو آ
اميدن کي ڦاهيون ڏيندو وڃي ٿو
چاهت جي سلسلي کي وچوڙن جو هاڃو
ساهين تي ساهيون ڏيندو وڃي ٿو
هر نئون سج پنهنجي ڪلهن تي
جنازن جون آگاهيون ڏيندو وڃي ٿو
مزارن جي تقدس جو تصور اڃان پيو
گلن کي تباهيون ڏيندو وڃي ٿو
هر روز بادل جيان ئي وسئون ٿا
هر روز نئون ماتم ئي ملي ٿو
رُڳو سرد آهن جي آمد رهي ٿي
رُڳو وصل جو ئي سپنو جلي ٿو
آڌي جي ويلا ۾ صليبن چڙهئون ٿا
تپرس جا پنڇي اُڏامي وڃن ٿا
ناساز حالتن جو سلسلو وڏو آ
اڃان درد ڪائي نہ آرس پڃن ٿا





پرين تنهنجي نازن تي سوچون بہ ڇا
تعزين مان فرصت ملي ئي ڪٿي ٿي
اونداهين جو ڪرم رهي ئي رهي ٿو
سوچن ۾ خوشبو اٿي ئي ڪٿي ٿي
فرحتن ۾ تصادم متو ئي رهي ٿو
رشتن جي وچ ۾ فاصلا ئي فتن ٿا
شفقت جي چوڙي پڇندي ئي رهي ٿي
رڳو پوڳنائن جا قافلا ئي اٿن ٿا

♦

(هڪ اهڙي هستي جي المناڪ وڇوڙي تي جنهنکي ڪائنات جي ڪابہ تشبيهہ ڏيڻ سندس شخصي ڏارسان ويساهہ گهاتي ڪرڻ جي برابر آهي)

(اسان جا پيار لاڏلا)

ڪيڏي نہ هئي انمول زندگي
چاه ڪيڏو اٿاه هيو
ڪير ٿو ٿئي پري
عجيب ڪو ويساهہ هيو
غليظ هر پير جو ترو
اڄ راهہ جي پٿر جيان
چٿي بدن مٿيو وڃي
لوڪ سارو چٿر جيان
لٿاسين ڪنهن بہ رهاڻ ۾
بي آبرو پٿن جيان
وقت جا هٿ ميرانجهڙا
دام هر ڪٿي ويا
اسان جنين لئہ مٹاسين
سي منهن سگهو ئي مٿي ويا
اوندهہ ڪنهن اجهاڳ جيان
سدائين رهيون قسمتون
پراڻو ڪو ماڳ ٿيون
هر بار ويچاريون حسرتون
بيدرد عاشقي جو
باب نہ ڪٿو ڪڏهين
جدا ٿي ملڻ سندو
خواب نہ ڪٿو ڪڏهن
ويون جنين جي سوچ ۾
اسان جون چنڊ جوانيون
انهن جي اکين مٿان
نقاب نہ لٿا ڪڏهن
لکيون ڏنيون سين زندگيون
مگر انهن جي عشق جا
حساب نہ لٿا ڪڏهن
رهيا خيال اوپرا
سدائين هجر جي قيد ۾
اسان جا خواب ڇيڳرا





جليا پٿر جي قيد ۾
قدم قدم تي جن ڪي
ڏناسين چاهہ نوان نوان
غير ٿي سي ڏئي ويا
روز گهاءُ نوان نوان
زهر ٿي سي لهي ويا
بدن جي نس نس ۾
ڪندن جيان ڪپي ويا
اکين جي گس گس ۾
اسان ڪي گهڙي گهڙي ۾
انهن جي بيرخي سندا
ڏنا ٿي پتا پيچرن
جنين جي من مرضي ڪي
سمجهو اسان فرض جيان
بهار جهڙا لمحا ڪيئي
اسان جنين ڪي ادا ڪيا
رهيل ڪنهن قرض جيان
نثار ٿيان جنين مٿان
اسان جا پيار لاڏلا
اسان جنين ڪي روڪيو
جهان جي تماشن ڪان
اڄ ذليل وقت قيامتون
تنها ٿي ڪٿيو اسان
اوباش انهن جي سلوڪ ۾
نہ جان رهي نہ جند رهي
صدين پڇاڻان اسان وٽ
فخر اهو ئي آ بچيو
اداس هن هينئن ۾
اهو ساڳي ديپ رهيو
اهائي ساڳي سنڌ رهي

◆

(تو پڄاڻان پرين)

تو پڄاڻان پرين
رات خوابن جهڙي
ڇيهہ ناهي ڪيو
ٿي دڪندي رهي
ڪا بہ آري جيان
ننڊ ناهي ستي
تنهنجو تصور ڪندي
چنڊ اپريو وڃي
تون آهين ڪٿي
تون آهين ڪٿي
تنهنجي ذلفن سندي
ڪا خوشبو نہ آ
هر اڪيلي گهٽا
ائين رليو ٿي وڃي
ياد ٻانهن جهليو





ڪنهن ڪنواري جيان
ٻڪ واريو ڇڏي
تاڪ ويلن جيان
ڪو گذاريو ڇڏي
تو پڇيو ئي ڪٿي
ڪيئن ڪٽيو ٿا اوهين
ڪيئن ٻڌايون اسين
خوب ڦٽيو ٿا اوهين
تو پڄاڻان پرين
روح پٿون ئي آ
ڪا بہ بارش نہ ٿي
ڪو بہ بادل نہ ٿيو
سانجهہ تاڻن جيان
ها لٽاسين اسان
ڪو بہ جگنو وري
ڪو نہ پسياسين اسان
خواب ننڊڙا وڏا
ٿي مصلوب ويا
تو پڇيو ئي ڪٿي
ڪيئن نبيريو اسان
درد آڏين وٽان
پاڻ سيريو اسان
پاڻ سيريو سان

(چري جواني ڪري اڪيلي)

جڏهين پئي نيري شام ڏاري
گهٽيون ڳهر ۾ پڏي ويو هن
وڻن تي ويٺل پنڇڙيون پي
ٽڪي ٽٽي چڻ اڏي ويون هن
پڏي پوڪاني جڏهن پيءَ آڏي
گهرن جهرن ۾ ڦري اڪيلي
ٻڪي ٻانهون وهاڻن سان
چري جواني ڪري اڪيلي
جڏهن پيءَ جاني پکين اڏارون
اڪيلو اُپ کي ڇڏي ويون هن
اوهان سان گهاريل حسين شامون
هينئين ۾ گهرڙا اڏي ويون هن
ڏڻ اڏاري سدائين ڏوڙون
اڳيان ائين منهنجي مٽي ويا هن
اکين جون پنبڻيون پسائي ڳوڙها
نِشان غم جا ڇٽي ويون هن
مگر او صاحب تنهنجو ڪو پيرو
نشان خاطر ڪٿي پي ناهي






اداس واٽن ڪنان پرين جا
ڪجن پڇائون گمان پائي
ڇتن تي ڳهريل ٽڏي خاموشي
سرگوشين جا سمورا ماحول
صدين ڪان ڄاڻي ستل لڳن ٿا
جڏهن جڏهن پيءَ حسين ڇاتيون
ڪٽن جي ٻانهن پڳل بدن تي
ڦڪيون ڦڪيون بس ستيون رهيون هن
چپن جا جانم گلاب ڪورا
ظلم آ تنهنجي چمڻ بنا ڏس
صدائون ٻڌجي سمهي پيا هن
نندن جا وڏوا بدن هي اڪثر
آڏي جو چرڪي اُٿي پياهن
نہ لاڙ ۾ تنهنجو ملي ٿو پاڇو
نہ پتو ڪو ڏئي ٿو ڪاڇو
نگر نگر ۾ پرين مون ڳولي
پٿر پٿر کان پڇيو آ تنهنجو
سنڌو جون ڪيٽيون ماٿڪيون ٿي
ويون هن منهنجو هينئون منجهائي
ڪٿي تون آهين ڪانڌمنهنجا
ڪٿي هوائون ويئي لڪائي

(ڪنهن اڻجاڻ ٿارچر سيل ۾ اذيتون پوڳيندڙ باغي جي وني تان گذرندڙ اذيت جو هڪ لمحو)

(دل لڳي مالها نه ٿي )

هيل ٻہ خالي ائين رڳو
انتظارين جي باغ ۾
درد جي موسم لٿي
ڪو گل ٿي ٽڙيو ئي ڪٿي
دل لڳي مالها نہ ٿي
ڪنهن ڪنواري ساھہ جي
آس جا ٻاري ڏيئا
دل هر پاڇي پٺيان
ٻار ٿي لڳندي رهي
خواب ڪئين ڪورا ڪٽي
عاشقي رلندي رهي
ويلن جا ورنڌ قافلا
اشڪبازي جي سنهين جيان
دل جي آڱر تي لٿا
بادلن ۾ چنڊ جهڙا
خيال ڪاڳر تي لٿا
هر گهڙي آهٽ لڳي
هر هوا آنچل جيان
ها مگر خالي ئي رهيو
روح ڪنهن ساحل جيان
شام جي ڪنهن رت تي
ڪنهن مهاديوي جيان
محل ڪنهن جي هنج ۾
سج جيان الهري چري


www.sindhsalamat.com



جاڳ ڪان ويچا ڪري
قسم پاسي تي رکي
چنڊ جي اجرڪ وجهي
وار ويڙهي هوءَ سُتي
ڪوٽہ هن جو مُنتظر
ديپ ٿي دکندو رهيو
ڪير هو جنهن سان ڪيل
هر وچن چرچي جيان
هُن تہ ٿاري ئي ڇڏيو
ڪير هو جو سحر ٽاٽي
دل شڪن جذبا ڪٽي
محبوب ڪنهن دهليز تي
ممنوع ٿيل تختين مثان
درد مان ڏسندو رهيو
دلبري جي ڳوٺ جي
هر گهٽي گونگي لڳي
هر لمحو مقتل ٿيو
زندگي مالها نہ ٿئي
پيار ٿي ڪاوا ويو
ڪير هو جو بيدخل
خواب ڪئين رڱيل ڇڏي
شهيد ٿيل محبت مٿان
لڙڪ ٿي ڪرندو رهيو
پن ٿي ڇڻندو رهيو


www.sindhsalamat.com

(گھٽي ۾ گُلابي چڱ موسمن مرجهايو)

هٿ هوا ۾ ڪٽي اوهان جي موڪلايو
گهٽي ۾ گلابي چڱ موسمن مرجهايو
تارون دلين جي حدن کي لڳي ويون
ٻر صغير جيان چڱ وڇوڙن ورهايو
اوهان جي رخصت جا منظر اسان جي
اکين کي ڪيڏارا هزارين ڏيئي ويا
دل کي انديشن ٻارن جيان پڙهايو
ويل وقت پنهنجي نہ توازن ۾ آيا
ڪنڌر ٿي ويل چاهت جي ديوارن ۾ اڄ پيي
اميدن جي ديوي ڪا چنڊ کي تڪي ٿي
جئين موئن جي دڙي جي آثارن جا ٽڪرا





راجستانين جي سيني کي سرور ڏين ٿا
جيئن اياز ۽ بخاري جي ڌرتي تي اڄ پيي
شيام جي خوشبو تازي ٿي رهي ٿي
جيئن اجا تائين گانڌي جي ديش ۾
لطيف جي سٽن جا وچن ٿا ڏجن
سرحدن جي ڪلڙ جي آٿت ۾ ڪيرت
اخبارن جي پنن کي غور سان پڙهي جيئن
ائين اجڙيل اسان جي وطن جي اندر ۾
اڪيلي محبت جي خالي گهرن ۾
رڳو ياد تنهنجي جا پنڇي ٻرن ٿا
اسان جي ترين جي ريڪائن ۾ اڄ پيي
سڌو عڪس تنهنجي بدن جو رهي ٿو
اندر جي ڏيئن ۾ سرگم وفا جا
تنها رات ۾ تنهنجي ڳولا ٻہ ڪن ٿا
اجان جنهن مٿي جو قسم تو ڪنيو آ
دلاسا اسان کي اها پيي ڏئي ٿي
دامن ۾ بسنتي گهڙين سان هلي آ
دل جي مندر ۾ ديپ جيئن جلي ڪو
منڙي ”پون“ کي خوشبو ملي ڪا
جوين ۾ نئون رنگ ٻرجي پوي ڪو

(لوڙ جهڙيون موسمون)

جي لوڙ جهڙيون موسمون
هانءُ تنهنجي تي سُرن
۽ فاصلن جا مرثيا
تنهنجي نيڻن ۾ ٻُرن
وڏوائي جي سانجهہ تنهنجي
ٻانهن ۾ جي لهي پوي
تنهنجي خوشبو جو ڏيئو
جي چار ٽوٽا ٿهي پوي
هٿ جهلي تو ڪان سڪيَ
جي ڪنهنجو ئي پُڇي
تنهنجي لفظن ۾ جنهنجو
ها پتو نہ ڪوئي هجي
شام جا دلڪش لمحا
هانءُ تي شرارن جيان
۽ ڪنوارپ جي مٿان
جي گذرن ترارن جيان
هر گهٽا گونگي لڳي
جي اڄاتي ٿي مٽي
۽ هٿن تي نانءَ ڪنهنجو
روح تان ڪاتي ٿي مٽي
ياد ڪنهنجي جا ڪنڊيل
هانءُ ۾ الجهيا رهن
تنهنجي نيڻن جو تماشو
چنڊ تارا ڏسندا رهن






تنهنجي ادائن تي لٿل
جي نہ آڏي ڪا ڪٿي
تنهنجي ماضي جو سڄو
جي پرتيل جوڙو ئي ٽٽي
۽ اويلو درد ڪو
ٽوٽي ڪتبو ٿهي پوي
تنهنجي ٿڪن جو سفر
هڏڪين جي مقتلن ۾
بيوسي جي ڌانهن ٿي
وقت جا مسيحا سيئي
لا دوا چئي توکي ڇڏن
تنهنجي بدن جا محاورا
جي نہ ڪو سمجهي سگهي
۽ چاتين جا ولولا
ها جي سگريون ٿي ٻرن
اهڙن لمحن ۾ ٿي سگهي
نيڻ ٻوٽي تون رُڳو
راهہ پئي تڪجان چري
جي ڏني زندگي گهٽي
ڪٽبا ساهہ پيا وري
تنهنجي ٻانهن ۾ اچي
راهہ پئي تڪجان چري

◆

## (تون چوين ٿي چري)

تون چوين ٿي چري مان اچان چو نٿو
تنهنجي مستن ۾ توسان مچان چو نٿو
ٻڌو ٿم تہ تنهاين تي ڏاڍو ٿي سوچين
رڳو بس ملڻ ۽ ڪلڻ لاءِ ٿي لوچين
ٻڌو ٿم تہ اڪثرين ۾ چري تون اڪثر
لڙڪن جا ساونڻ لڪائي رکين ٿي
تنهنجي چپن جي گرم جوشي جو سورج
ٻڌو ٿم تہ ڪڏهن ڪان گرهڻ ٿي چڪو آ
حسرتن جا بتيلا گهٽي پاڳي تو وٽ
اويلا ٿي لنگر لئہ اڪثر اچن ٿا
ٻڌو ٿم تہ تنهنجي ذلفن جا رستا
اسان جي آڱرين سواءِ جڻ ويران آهن
ها چري مون ڪنهن کي چندي ٻڌو آ
هو تنهنجي ”شانو“ بس هٿن کي ملندي ئي رهي ٿي
۽ تنهنجي سيني ۾ بيتابي جي موسم
ڪنهن چيو پئي تہ ڏاڍي وحشي ٿي لٿي آ
تو ٻانهن جا ڪنگڻ پڇي ئي چڏيا آهن
نڪي تنهنجي پيرن جي ڪڄڻ تي هاٽي
پازيب جو جهٽڪو ڪو هوا ۾ گهلي ٿو
نڪي تنهنجي چاتي جي گهنڊن کي هاٽي
ڪمهلو پوڄاري هاڻ اچي ڪو ڇهي ٿو
پنهنجي من جي اندر ۾ اڪثر
رڳو هڪ ميرا تيل ڏيئو ئي جلي ٿو
ها ٻڌو ٿم تہ منهنجي نانءَ تي اڪثر
سڏڪن جا پنڇي اڏري ئي وڃن ٿا
ستارن جا منهن پيي لاهي ڇڏين ٿي





ها ٻڌو ٿم تہ تنهنجي ادائن جي ڪونتل
ڪنارن تي پهچي گم ٿي وئي آ
هوائن تنهنجي ساهن جي خوشبو کي هاٽي
گهٽائن ۾ گهمائڻ ڇڏي ئي ڏنو آ
دل چوي ٿي چوي ٿي ها چوي ٿي گهٽو
مان توڏي اچان مان توسان لُچان
تنهنجي تباهين جا توکان ڪارڻ پڇان
مگر منهنجي جانان مان توڏي اچان ڪيئن
منهني نيٽن ۾ نئون ڪو سپنو نہ آهي
بس آهي چپن تي لوط جو صحرا
چاهت جي چاندني جهيٽي ٿي وئي آ
خوابن جا بادل پيي اڪامي ويا هن
تنهاين تي ڏاڍو هري مان ويو هان
تنهنجي ٻولا جون ڪونجون برحق هت اچن ٿيون
مگر منهنجي دامن ۾ سنڌو آ ستو پيو
نہ آرزو هاڻ ڪا سلامت رهي آ
چري دل تنهنجي چپن کي وساري ڇڏيو آ
ضمير جي بيرحم اناگير حاڪم
اسان جي پيرن ۾ زنجيرون وڌيون هن
جيئن راهن ۾ پيل پٿر اڇلجن ٿا
ڪو وقت هئو اسان کي ڇڏيو هئي اڇلائي
هاٽي اوچتو جي ياد آيا ڪٽي هونءَ
ڇڳو آ تہ جانم وري ڇڏ پلائي

◆

(اڏورن رشتن جو اهو الميو جيڪو عاشقي جي هينئين تي سدائين ڪچي گار
تي لڳو آهي جيڪو رسمن جي ٻوڪاني ٻڌي دل لڳي جي گهرن ۾ رهزن ٿي رليو
آهي ناتن جي ويساهہ گهاتي ۾ گهائجي ويل هڪ اهڙي ئي ناتي جي ڪٿا
جيڪو وساريندي وسرندي بہ وسري نٿو سگهي)

(ڪيلينڊر تان اکيون صبح شام گذرن)

سج ڪيئي نڊي جي هنج ۾ ٻڏا
هر شفق کي سنجها بس نهوڙي ويئي
ويندي ويندي جو ٿورو مرڪي ڪٽي
ادا هُن جي اندر کي اکوڙي وئي
چنڊ راتين جي ٿڏي سوجهري ۾
ڪير آهي جوننڊن مان اُٿاري اويلو
جسم کي ٻکن جي اڻ تڻ پئي ڪٽي
لچيو سج اپاريو اسان هر اڪيلو
ڪيلينڊر تان اکيون صبح شام گذرن
الهي ويو گمانن ۾ آڪٽوبر سمورو
وياسين اڪيلا جو ڏيئو ڪو جلائڻ
عجب ۾ ٻڏي ويو مندر سمورو
نہ ڪوئي سنهيو نہ ڪوئي پيامبر
الئہ چو نہ هن پي سڏيو آ اسانکي
اڪيلائي اندر ۾ ٿي نئون وهم اوتي





چري هن پلا چو پلايو اسانکي
برف جهڙي جهان ۾ ڪيس ڳولجي ڪٿي
نہ اڻ واقف خطن تي پتو ڪو چڏيو ٿس
نہ ڪٿي هن جي ٿهڪن جي خوشبو ٿي اڏري
الئہ ڪٿي وڃي من اڏيو اٿس
ناهي دامن ۾ ڪوئي احساس تازو
ڪٽي جنهن جي اوٽ ۾ نئون ناتو ڳنڍجي
وٺي ڪنهن کان چپن جا لمحا ڪي اڌارا
ضعيف ٿيل عشق کي نئون جوبنو ڏجي

## (هو جيڪا )

ڪنهن محبوب موسم جو احوال ڪونهي
ڪنهن ماتم ۾ وڃي ويا هن ترانا
ڪنهن دلعزيز هستي جو ناهي سنگم
تنهاين تي جت ڪٿ پيا گهڙجن فسانا
هو عذابن جون پراسرار طزون پيي اوجهل
هوءَ نقابن جون دلڪش ادائون ڪٿي
هوءَ حويلين جا سايا ويا سونهن ڪائي
هوءَ آڏيون ۽ ابتيون پڇائون ڪٿي
هوءَ جذبن ۾ ٻهڪيل جسم ڪو آٻايو
هوءَ فهمن جي محلن ڪي بندين تالا
هوءَ عدن جي گلشن جي شرير ڪلڙي
هوءَ ڪائنات جي سيني تشبيهن ڪان اعليٰ
هوءَ مسيحا جو نئون روپ مونکي لڳي
هوءَ بيجان جسم کي جياري وئي
هوءَ ڪرسمس جي پويتر نيتن سان آئي





هوءَ جذبن جون شمعون اٿاري وئي
هوءَ اگهاڙين وکن سان گهٽي تائين ايندڙ
ڪليسا جي مقدس غاليچن تي ويهي
شفيق هٿن سان دعائن جي گهرندڙ
هوءَ پٽر جا سيئي خدا جنهن جي ماتحت
هوءَ جنهن جي لفظن جون چيرون اجان پيي
ڪنهن راحبا جو مقدس بدن ئي هجن شل
هوءَ نظارن ۾ تاثير جنهن جي هجڻ سان
هوءَ راتين جي نندبن جو ڪومل تصور
هوءَ باکن جي شفاف شبنم جان مرڪي
هوءَ زندگي جي سازن کي چيڙي ڇڏيندڙ
ڪنهن اُجري چُني سان ارڏي هوءَ وينگس
ڪنهن سانجهي جي مقتل ۾ ملي هئي جيڪا
ڇڻ خنجر جي الارن کي سامهون ڪو هٿ هئي
ڇڻ مسمار ٿي ويل حياتي تي شفقت
ڪنهن ڪشمڪش جي گهڙي ۾ مرڪن سان ڳهيلي
ڇنڊ اکرن جا شفا ياب دلاسا هوءَ ڏيئي
ڪنهن ڄاتل سڃاتل دهليز جي پويان
ڪنهن عرصي کان وئي جا وري ڪانه موٽي
هو قاعدن جي غافلن هوءَ پابندين جي منڪر
ڪنهن وحشت جي دڙڪي ۾ رهي ٿي جا هاٽي
ڪنهن بندش جي موسم ڇڏيو هن کي ڇاٽي

♦

(ان وينگس کي ارپنا جنهن زندگي جي ساز کي هڪ دفعو ڇا ڇهيو پوءِ هو آواز
صدين جو سُر بڻجي روح ۾ رهي پيو)

(ڪن اهڙن ماڻهن جي )

هي جي سادا سُودا ماڻهو
سيئي ڪارا ڪوجها ماڻهو
ڪنهن وقت تصوير ٿين ٿا
ڪن اهڙن ماڻهن جي
جي پاڻي تي لڪير ٿين ٿا
جي ويساڪي ۾ هير ٿين ٿا

جي ماڻهو پنهنجي جيون ۾
هيٺن لاءِ اُتساهہ ٿين ٿا





سيئي مٿي اڀيا ماڻهو پوءِ
تن جي پويان آهہ ٿين ٿا

جي ماڻهو پنهنجي جيون ۾
ٿا نڪرن اوڪو ڏڳ وٺي
۽ پنهنجي پويان وڳ وٺي
ڄڻ واڇوڙا ۽ وير ٿين ٿا

جي ماڻهو پنهنجي ماڻهن ڪي
ٿا سايا ٻڻجي ڇانو ڏين
ڪم زورن ۽ ڪم ظرفن ڪي
ٿا ڏاڍائي جا ڏانو ڏين

جي ارڏا ٻڻجي جيون گهاري
موت مرن ٿا شهيدن وانگي
جي ڏور هجن تہ بہ آٿت جهڙا
ويجهو ويٺي عيدن وانگي

ڪن اهڙن دودن ٻاگهين جي
ڇئو ڪهڙي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي
جي قوم جي تقدير ٿين ٿا
سي ماڻهوئي بشير ٿين ٿا

♦

(ارپنا: (شهيد بشير خان قريشي)

(وري رت انهن جي ملامت ڪري ها)

گهڻا پنهنجا ساٿي جي اڏ موڙي وڪاڻا
چڱو ڪون وڪياسين وڏا پنهنجا ناڻا
وري رت انهن جو ملامت ڪري ها
گهڻا پنهنجا ساٿي جي سورين سڏاڻا
گهڻا پنهنجا ساٿي جي منصور ٿي مئا
ونين ڪان گهرن ڪان مفرور ٿي مئا
حياتي ۾ سونا حياتي ۾ پارس
مئا جي وري پِي پُر نور ٿي مئا
سڄي قوم تابع تنهين جي ٿئي پئي
پُومي ٻه اهڙا ٻلاول سڏي پئي
صداقت جي ڪونتل اجهو ئي تري پئي
تاريخ ٻه پنهنجا پئي منشور مٽائي





نڪي ڪنهن ۾ حرڪت جي همت رهي آ
هڪڙي جي نه هلندي هزارن سان هاڻي
هاڻي آسيس عداوت جي ڪهاڻي نه ٻڌبو
ڪو ماتحت نه سڏبو ڪو مختيار نه سڏبو
هاڻي انصاف دولت جي ڪهاڻي نه ٻڌبو
ڪو رئيس وڏيرو پوتار نه سڏبو
ڪجھ ڪون ٿيندو جي پرھ جو اجهاڻا
ڏيئاتن ڪي ٻوڙي لهو ۾ ٻه چڏبو
دريافت ڪبا پر مقصد پراڻا
سڄو پنهنجو جوڀن جو باغي ٿي گذريو
پڇاڙي ۾ هاڻي ڪا دلالي نه ٿيندي
شهيدن جيان شل ٿٿون ساٿ مان
اهڙي ڪابه پاڙ تي ٻي عنايت نه ٿيندي

♦

قسم مٽي جي خوشبو جو)

بارشن جي سڄي موسم
گهميل رستا پڇائون هئا
قسم مٽي جي خوشبو جو
تنها سانجهون رليون ڪيئي
اوهان جي سار جون هيرون
چڙهيون ڪي ئي گهليون ڪيئي
ڪهاڻيءَ پيارجي جي ساريءَ
ندي جي ٻوڙ وانگي هئي
پري توڪان چري چوڪر
حياتي لوڙهه وانگي هئي
پنوريءَ جي هوائن ۾
نڪي آنچل اشارا ٿي
سمورا شوق بارش جا
چڏياسي بي سهارا ٿي





مگر جانان ڪٿي تنهنجي
نہ ڪا بہ هئي هلچل هئي
ادائن سان پريل تنهنجي
نگاهن جا ابر نرمل
نڪي ترسيا نڪي برسيا
چري جانان ڪٿي اٽڪي
بارشن جي سڄي موسم
نما شام رهي اُلڪا
سواءِ تنهنجي مٺي جانان
سمورا رنگ سانوڻ جا
مدهوشين ۾ گذارياسين
نڪي ڪا ڪل پکيڙيا تو
خاموشين ۾ گذرياسين

◆

(سانجهه جي روهيڙن منجهان)

سانجهه جي روهيڙن منجهان
پل سُڪل گلڙن جيان
ڪرندا وڃن ڇڻندا وڃن
هُن ڇتيا ميندي جيان
ڪنهن هوا جي هٿ تي
لفظ سي وٽندا وڃن
رات ڪا مقتل جهڙي
دل لڳي جي شهر ۾
وسوسن جوپوڳ تي
آ لٽي هر پهر ۾
آس ڪنهن صحرا ۾
پوپٽن جي رات جهڙو
سوال بڻجي آهي وئي
ها گلابي ڇوڪري ڪا
خيال بڻجي آهي وئي
جنهن جي نيڻن ۾ ٻڏل
ڪو ناخدا موتيو نہ آ





جنهن جي ذلفن ۾ لٽل
منظرن جو پتو نہ آ
ڪلهہ شام ڪان جا
روح جو محور بني
خواب جو تعبير تي
جاڳ جو تصور بني
پنهنجي مقدس آڱرين سان
ويل جنهن ۾ هُن لکيون
ڪنهن هوا جي ورق تي
پيار جون ڪي آيتون
وقت جا رلندڙ لمحا
اڄ بہ ساڳي موڙ تي
ڪلهہ جيان آهن پُڳا
هر هوا تي خالي لڳي
هن جوڪو نياپونہ آ
باک پئي لهندي وڃي
چند تو ٽڪڙو لڳي
پيامَ يار جي انتظار ۾
رات پئي رڙهندي وڃي

♦

(موبائل فون تي ايس ايم ايس ڪيل ڪنهن پريتم جي لفظن کي ڏنل اڏوري پيٽا)

(جي اٿيون ڪٿي به عداوتون)

جي ماڳ ڪو فتل ڏسين
۽ لاوارثيون ٻگهيون ٻگهيون
اداس گهنڊ وڄن جڏهين
ادس ٻرن ميڻ بتيون
ڪٿي بہ جي فطرتون
بتيلن جيان لڏن ٻڏن
۽ چاندنين جي سفر ۾
جي نہ مرڪون ڪي اڏن
سوڳ ٿي وڄن جڏهين
خوشا مڙيون ڪي طبيعتون
سرد ٿي وڃي سفر
درد نہ ڏي ڪي فرحتون
پيار جا سنگيت سپ
مرنا جي تار ۾
مجذوب ٿي وڄن جڏهين
ڪيڏار جي ڪٿار ۾
اُداس ٿي وڃي نظر
عڪس هر ادس ٿئي
محبتن جي خواب جي
سايان نراس ٿئي
تڏهين اجهامي تون متان
ٻہ چار لڙڪ ڪي
نظر آب ڪجا ن ڪڍي
ڏجان تون چئي نقادڪي
هي محبتن جو اصول آ





عزيز آ هر خوِشي
درد هر قبول آ
اسان پريمي فرد هُون
اسان جا آڳر مندرون
اسان جا اندر مسجدون
اسان جي تقدسن ۾
نہ ڪلفتن جو دخل آ
نہ لالچن جي ٻوڙ آ
اسان جي ڪنهن بہ خيال ۾
نہ سوچ ۾ ڪا سوڙ آ
اسان تہ ڪنهن بہ آهہ ڪي
نہ پاڻ ڪان پري ڏنو
اسان تہ لڙڪ لڙڪ سان گڏ
لڙڪ آ پري ڏنو
اسان جي زندگي سڄي
ڪنهن دردجي مزار آ
ڪنهن ماءُ جي پُڪار آ
ڪنهن جوانڙي جي معيار آ
نہ اسان وٽ ڪو پيد آ
نہ سرحدون نہ ورهاستون
اسان جو روح لڇيو ٻريو
جي اٿيون ڪٿي بہ عداوتون

◆

(يارهين سيپٽمبر جي موقعي تي جڏهين آمريڪا ٻري اٿيو ۽ پوءِ اُها تپش افغانستان ۽ عراق جي هزارين ونين جي ورن، لڪين معصوم ٻارن جي شفقتن ۽ لکين ممتائن ۾ بي سهاڳي جو درد ٻري وٺي)

## (الئه چو جانان)

الئہ چو جانان اسان لئہ عيدون
ڪٽي ڪي سوڳون عجيب گذريون
مقدس ڏهاڙا مقدس راتيون
قيامتن جي قريب گذريون
نہ عيد ڪارڊ اوهان جا آيا
نہ چنيون ڪي چاهت ڀريون اماڻيون
نڪو تماشو اسان ٻڌياسين
نہ ڪي اوهان ڀي ڪيون رهاڻيون
اجريون شامون لٿيون اسانجون
وري بہ ساڳين ڪلال خانن
خوشيون اسانجون جامن ۾ اوتي
چئون پيلا ڇا ؟ جهان پيتيون
مٿي ويا روزا اسان نہ ڄاتا
نڪوئي سحريون اسان ڪي ساريون
شوال اُڀري ويو انهن ۾
اسان گهڙيون جي مدهوش گهاريون
اسان تہ پوءِ بس اُهو ئي ڄاتو
اسان جي چاهہ جو ڀرين تو روضو
وڇينءَ جي ويلي ڀڃي ڇڏيو آ
ڳڀي ڳڀي ۾ ونڊي ويو ڪو





ڇوهہ ڪيڏا چنڊي ويو ڪو
مگر اسانجي اضعيٰ اياڳي
عجيب پوءِ ڀي نراس ٿي وئي
گلاب جهڙو لهو اسانجو
ڪتن جيان بيهي لبيو مفادن
اجل جون گهڙيون اسان نہ ڄاتيون
مٿي ويون ٿڏڙيون اسان نہ ڄاتيون
اسان ڪي شامل خوشي پنهنجي ۾
نڪوئي توڀي ڀرين ڪيو بس
پلي اسان ڪي پيا رڳو هي
حسرتن جا ڀڳل ڪانوڙا
نہ گلاب ڇهرن ڏنيون واڌايون
نہ جواب ڇهرن قبوليا مرڪي
رڳو ڏيارين آتشين جيان
هينئين تي ٽانڊا هزار ڇيڙيا
زهر ٿي ويون اسان لاءِ ساريون
ڏڻ ڏيهاڙِا بارات راتيون
رنگين هولين اسان تان وهايا
رڳوئي خنجر رڳوئي ڪاتيون
نہ اسان جي دل جو رام پرتو
نڪي تسلي ٿيون ڪي عيدون
خوشيون سموريون رقيب گذريون
بس قيامتن جي قريب گذريون

◆

## (اجنبي)

اجنبي اجنبي او ڇوڪري ايڏي نہ ٿي ڇري
تيز بارش جيان لڙڪ تنهنجا ڏسي
دل تہ چاهيو گهڻو دل تہ چاهيو گهڻو
تنهنجي من ۾ متل تيز ساگر جهڙي
پاڻي ۾ اڇلايل ڇڻ تہ پٿر جهڙي
اويلي يادگيرين ڪان پٽو پڇجي ڪٽي
لٿيل حاڪم جيان اداس توکي ڏسي
من تہ چاهيو گهڻو دل تہ چاهيو گهڻو
تنهنجي من جي ٿٽل البم مٿان
نقش ٿيل ڪنهن ستمگر خيال کي
پنن تي اتاري چتر ڪارن جيان
وستي وستي ۾ ڪٽي خفيہ ادارن جيان
روپوش توکان ٿيل ڪا پريت ڳولجي
ڳولجي ڳولجي هر حال ۾ تنهنجو ميت ڳولجي
ان ڪان ٿورو اڳي تون جو سڏڪي پوين
دل تہ چاهيو گهڻودل تہ چاهيو گهڻو
تنهنجي اکڙين جي ڪليسا جا تقدس لتاڙي
تنهنجي عبادت جي خدا کي ڇڏجي اُگهاڙي
يادگيرين جا بُت پورا پورا ڪجن
جذبا مروڙي ڪٽي خواب ڪورا ڪجن
توکي دلبرا نندن جا پري تحفا ڏجن
جنگجو ڏرتي جيان تنهنجو ٻرندڙ جسم






ٻانهن ۾ رکي خوب چُمجي ڪٽي
ناز تنهنجا سانديجن ها سرتي جيان
مست توکي ڪجي ڪنهن تہ نرتيءَ جيان
ان ڪان ٿورو اڳي او ارڏي ڇوڪري
تون تہ پڙکي پئين ڪنهن آدم جيان
مون پانيو توکي شيام جي ڪنهن نظم جيان
تنهنجو چهرو لڳو ڏر تتي جو ٽڪر
درد اڏارن جو توتان رهيوئي گذر
ياد تابش ٿي ڇڻ تہ سازش ٿي
ياد تہ توتي لٿي موذيءَ مرضن جيان
قبرسان ٿي ويو تنهنجو گلستان بدن
جنگي شهيدن جي پراڻن بٺين جيان
ٽٽل ڪتبا ڏسي دل تہ چاهيو گهڻو
تنهنجي احساسن جي هيڏي هاجي مٿان
دلاسن جا چندِ گُل رکجن ڪٽي
سُتل مٽي جا سُڳندٽ ٻيهر تازا ڪجن
تنهنجي هوش جا وري سُجاڳ جنازا ڪجن
اُ ن ڪان ٿورو اڳي او همدم اجنبي
شهر فطرت ۾ ڪنهن ڪاروان جون اکيون
ڇيچ تنهنجي جهلي ڏور وينديون رهيون

♦

(سفر جي ٽاري تي ويٺل اٽڄاڻ منزلن جي پکين جهڙن اکين مان ٽپڪي اجنبيت جي ڳلن تي سوال بڻجي رهجي ويل انهن لڙڪن جي ڪٿا جن کي نہ چاهيندي بہ ڪنهن ڪوتاس جا نيڻ وڏي پنهنجائپ مجهان گهوريندا رهيا)

## چاهتن جي شام)

رقابتن جو شهر آ
چپن تي مرڪ ڪٿان اچي
منافقت جي ڳهر آ
ڪٿا هر اڳهاڙي آ
صداقتن جي سوچ تي
اُيي ڪا اماڙي آ
گهڙي گهڙي ۾ روڳ نئون
اجان تہ پيو چڙيو وڃي
زندگي م يوڳ نئون
ڪا من گهري لڌيو وڃي
سار جا مينار ڪئي
هينئين ۾ هو اڏيو وڃي
فريب عام جام آ
اداس هن نزاڪتون
۽ چاهتن جي شام آ
عاشقيون روپوش هن
حسن تي هن چوڪيون





پيار خانہ بدوش هن
گهٽي گهٽي انتظار آ
هي روپ ورنيون موسمون
هي روح بيقرار آ
اجان بي ماڳ آ
رفاقتن جو ڪتاب يي
پنو پنو آڳ آ
چمي چمي لاش آ
اجان تہ وارثي جي
ڏگهي ڪا تلاش آ
اجان تہ گونگي سانجهہ يي
چڙي اسان لاءِ بي رخي
ڏني اسان کي تانگ يي
اجان تہ رات جو ذهن
اسان ڪونہ سمجهيو
ڪنهن بہ ذات جو ذهن
اجان تہ هر سانجهہ ۾
روپ ڪو تڙيوپوي
اڪين جو بيابان وري
سمنڊ ڪو ٻٽيو پوي

♦

(ستمگر وقت جي سگري)

ستمگر وقت جي سگري
آلاءَ هر پهر جو پاڇو
نگاهون ڪنهن طرف ڪٽجن
رڳو آ قهر جو پاڇو
پٿر ٿي وحشتون اپريون
سانتن ٿاهه ڪي ڪاڏا
فاصلن درد ڪي چيڙيو
انائن چاهه ڪي ڪاڏا
قربتن جي چوڪري گونگي
وتي ٿي مات ۾ ڳهري
وصل تي رنج جو قبضو
حجر جو هر لمحو قهري
وفائن زهر ڪي پيتو
ڪندر ٿي ماٺيپا اُجڙيا





لڳيون احساس ڪي ڪڙيون
مفلس ٿي آجپا اُجڙيا
اُگهاڙي دستور جو چرچو
هوش تي چُپ جو دڙڪو
دلبريون ننڊ ۾ غلطان
نڪي آ هٿ نڪي ڪڙڪو
رڳو آ دام جو ڏهڪاءُ
چپن جا پيچ ٻي ويڪو
دلالپ موج ۾ آهي
سڳين جا ڪيچ ٻي ويڪو
وتي ٿي سوپيا ٿڙندي
ڪنوارپ محفوظ ناهي ڪا
ذلالت زور آ پاتو
سياڻپ محفوظ ناهي ڪا
اميدون وڏواهه حسينا جيان
تقاضا هر ڳورهاري آ
ڏرمن جوانڊو منصف
توقع هر ڏوهاري آ
ستل آ ڳهن جو مفڪر
مسيحو نئن ڪو آڻيون
رسمون ساهه ٿيون ٻوڙن
نظريو نئون ڪو آڻيون
نظريو نئون ڪو آڻيون

(جي بدليا)

جي بدليا تہ هر بار اوهان ئي بدليا
اسان کون پنهنجيون جهڪايون نگاهون
ڏنيوسين محبت جون سدائين چتائون
وفائن جي سفر ۾ ڪڏهين پي اسانجا
نہ حوصلا ئي بدليا نہ ارادائي بدليا
جي بدليا تہ هر بار اوهان ئي بدليا





اجان ساڳي پهرين نظر جي ئي چاهت
اجان ساڳي آداب محبت آ جانان
اجان تنهنجي چڳن جي نشي ۾ اسان
اجان بيقراري بہ ڪائي عنايت آ جانان
اجان گس ساڳي پيرن جي حصي ۾
نہ راهون ئي بدليون نہ رستا ئي بدليا
جي بدليا تہ هر بار اوهان ئي بدليا

ملياسين اوهان سان اُهو ئي ملياسين
وري ڪانہ ٿي ڪا شناسي آ ڪنهن سان
سٺو سين تہ سپڪجه مقدر جو سمجهي
ڦلهوري اسان ڪانہ اداسي آ ڪنهن سان
بي نيازين جي موسم آئي ۽ ويئي
نہ رشتا ئي بدليا نہ رابطا ئي بدليا
جي بدليا تہ هر بار اوهان ئي بدليا

اجان ڪون انتظارن جو آڙهر لٿو آ
اجان تنهنجي ساهن جي لذتن کان پري
بي خودي ۾ جانم جيئون ئي پيا
هر لمحو جڙ قيامت جيان ٿو وجي
نہ اذيتون ئي بدليون نہ اوجاڳا ئي بدليا
جي بدليا تہ هر بار اوهان ئي بدليا

♦

(هن هڪ دفعو چيو مون توکي ناهي وساريو مون هزارين دفعا لکيو وڏو سچو اسان جو اهو ئي تہ آهي اسان توسواءِ ڪنهن کي چاهيو ئي ناهي)

(چوٽي چيڙين هوا)

چوٽي چيڙين هوا
هن جي آنچل کي
هو نيل پري
ابابيل پري
ڏس ڪيڏي ابهم
گل جيڏي ابهم
سندس رابيل جسم
سندس نرگس اکيون
خود چنڊ جهڙي
چڻ تارا سڪيون
تتل جذبن تي
انڌو ويساهه رکي
آ ليٽي پئي
نرم اراهه رکي
چوٽي چيڙين هوا
چوٽي چيڙين هوا





هوءَ ته ٻارن جيان
تي ڊچندي رهي
پنهنجي پاڇي وٽان
هٿ ڇاتي مٿان
ڏيو ڪيئن تي اچي
وچن پنهنجا مگر
پوءِ ٻه پاريو وچي
وڏي ڳالهه اٿس
وڏو حيف اٿس
تتل انگ سندم
ڪيئن تاريو وڃي
پهر جيڪي مٿي
مون سان گهاريو وڃي
چڻ ته ڪوثر ۾
مون کي واريو وڃي
ڪنهن بارش جي
هوءَ پاڻ هوا
ڪڪ پن جيان
چڻ اڏاريو وڃي
تنهن جي جهانجهر کي
تون ٽي چيڙين هوا؟
چو ٽي چيڙين هوا؟

## (او چيڳري)

او چيڳري مس ملي آن ڪٽي
طويل مدتن جا نہ حساب پڇ
پڇين تہ چند گهڙين جا تون
اسان ڪان سوال جواب پُڇ
اسان جو من ٽٽل پنا
ورهين جي ڪا ڪٿا نہ ڳول
هينئون بہ آ هزار زخم
چڱو تہ آ زخم نہ کول
جذبن تي ڪو ويساهہ نہ آ
ڪو پرم پيي تون نٿي رکين
اسان جو چاهہ صديون هيو
سو شرم بہ تون نٿي رکين
ڪنهن عتاب مان جي اٿياجي هن
نہ روڪ چمين جا قافلا
ڇڏ تہ بي حجاب ٿي
زندگي ڪي آخري چمي ڏيون
ڪنهن شام جي اُماس رات ۾
وڏا جي هن ڪي فاصلا
انهن کي ڪا وٿي ڏيون
گلن جي هيراڪ سينڌ ڪي
چوين تہ تون چئو ڪٽي
اسان جا شوق بانورا
سبڪدوش ٿيا جي چمن منجهان





ڪنهن ڪٽل مور جي صدا ۾
شامل ٿيندا پيا وڄن
پري اوهان ڪان رهي
پاگل ٿيندا پيا وڃون
گهڙيون جي چند بچيون بہ هن
انهن جا چپ ٿا سبيون ڪٽي
طويل ڪي بہ وصيتون
اوهان کي نازنين نٿا ڪيون
مگر اسان جي آخري
اٿئو هي ويچاري چاهنا
اسان جو ڪوبہ خيال جي
اوهان جو رُخ وڃائي ڏي
پراڻي ڪنهن گلدستي جيان
اوهان جي ذهن جي ميز تي
اسان جي بار ٿي پئون
اسان اوهان جي روح ۾
بنهہ جي ٻار ٿي پئون
بس اسان جو نانءُ وٺي
ڇپن کي مهلتون ڏجو
دعائون بد ڏجو ڪٽي
اسان لئہ سي بہ عنايتون
اسان لئہ سي بہ محبتون
اسان لئہ سي بہ راحتون

## (وسرندا وڃون ٿا)

تون ڪنارن جي دلچسپ نظارن تي مرڪئين
تون اسان جي ٻڏندڙ هٿن تو ڪو سوچيو؟
اسان تنهنجي چاهت جي اڌارن ۾ گم سم
تون مايوس ٿي ورندڙ جٺن تي ڪو سوچيو؟
اسان پنهنجي اپاهج ويساهن کي اڄ پيي
بيساکين جي سهاري گهيليندا ئي وتون ٿا
تنهنجي نيٽن جو درياءَ جڏهن ڪان سڪو آ
پياسا ئي پياسا بس جيئندا ئي وتون ٿا
تنهنجي ذلفن جي سانجهي جو آزاد منظر
الئہ ڇو اکين ۾ رهي ئي رهي ٿو
ڪٿي تون اسان سان ٻڪن م تہ ناهين
پلڪن ۾ سپنو تهي ۽ ٻهي ٿو
تنهنجي چپڙن جون چنچل بهارو تہ ناهن
ڪنهن رولاڪ پن ڇڻ جو آشيانو ئي سهي
ڪنهن وفا جي ترنم ۾ ناهيون ڪٽي جي
بي وفائي جي تهمت جو فسانو ئي سهي
ڪنهن بي مروت ملڪہ يمين جي پويان
لٿجي ويل عياشي ڪنهن امير وانگي





۽ ڪنهن فنا جي ڏنڏ ۾ گم ٿي ويل
ڪنهن شاعر جي اڌوري تحرير وانگي
اسانکي تہ هر ڪنهن وساري ڇڏيو آ
مرڻ کان اڳ ۾ ئي ماري ڇڏيو آ
اسان جي مقدر جو ستارو آ جهيٽو
پن جي ٻيڙي جيئان بس ٻرندا وڃون ٿا
جنهن پايو گهٽو هو اڄ انهي کان
ها انهي کان بہ شايد وسرندا وڃون ٿا

(اسان تو سواءِ)

رڳو ياد بانسري جيان تي وڄي
رڳو چاهه رقا سا جيان ٿو نچي
هينئون سار ۾ تو ڏيئن جيان ٻري
رڳو ساهه پتنگن جيان ٿو پچي
پوءِ پلا تو اهو ڪيئن چيو آ
اسان کي اوهان وساري ڇڏيو آ
مگر اسان جي اها ريت ناهي
اسان زندگي ۾ ڪنهن کي چاهيو نہ آ
جي ڪنهن کي چاهيو تہ وساريو نہ آ
۽ اسان تو سواءِ ڪنهن کي چاهيو نہ آ
توکي چاهي پوءِ وسارڻ جو سوچيو نہ آ
اجان تنهنجي ساهن جي ڪنوارن ڏنن سان
اجان ساڳي محبوب رفاقت رهي آ
اجان پنهنجي رشتن جي محفل ۾ جانم
خدا جو قسم ڪو جمالو نہ ٿيو آ
اجان ساز ساڳي پيا چاهت جا وڄن
اجان ڪنهن بہ محبت جو ازالو نہ ٿيو آ
جي ٿيو آ تہ ڪجھ اهو ئي ٿيو آ
پنهنجي معصوم دلبري جي ٻانهن ۾ پيل
چند ڀاڪرن جا شيشا ئي ٽٽا هن
جدائين جي موسم جو ڪرم آهي ٿورو
فاصلن جا ڪجھ ٿوهر ئي ڦٽا هن





مگر پوءِ پي ايترو ناهي ٿيو جو
ايڏي دلگير لهجي سان اداس ٿي چئجي
اسانکي اوهان وساري ڇڏيو آ
الئہ ڇو اوهان وساري ڇڏيو آ
ڪٿي ڪنهن کي وسارجي تہ وساري ٿو سگهجي
گهڻو وقت جدا ٿي گذاري ٿو سگهجي
مگر بيوفائي لعنت جيان ٿي لڳي
قيامت کان وڌ قيامت جيان ٿي لڳي
ڪٿي توکي ناهي جي ساريو پرين
اسان توکي ناهي وساريو پرين
اسان جي سچائي ۾ جي چاهين اگر
ٽانڊڻ تان ساڪون وٺي ڇو ڪٿي
اکين جو قسم توکي ناهي وساريو
سنڌو جو قسم توکي ناهي وساريو
اسانکي تنهنجي وفا جو قسم
اسان توکي واقعي ئي ناهي وساريو
اجان جنهن بہ طلسم کي ڏسون ٿا جتي
اُتي توکي سُڏڪي ۽ ساري ڇڏيون ٿا
هينئون ٽانڊڻ تي جڙ ٻاري ڇڏيون ٿا
وڏو سچ اسان جو اهو ئي تہ آ
اسان تو سواءِ ڪنهن کي چاهيو نہ آ
توکي وساري بہ سانئڻ وساريو نہ آ

◆

## آزاد نظم
## (زندگي جيڪا به تنهنجي آ)
### پيارا مرتضيٰ

تون ئي ٻُڌاءِ
زندگي تنهنجي منشور ۾
چون ٿا تو اوتي ڇڏي
زندگي جيڪا بہ آ تنهنجي آ
پاڻ رب کان اڳيان توتي ڇڏي
(سائين جي ايم سيد)

### پيارا بشير

زندگي ڏاڍي شرير
روز ڪنهن گام تي
تنهني آمد جيان
جذبات جو درياءُ آهہ
زندگي وڏو انياءُ آهہ
(محترم بشير خان قريشي)

### پيارا مالڪ

زندگي جوڳي
زندگي سالڪ
اڄ تہ ڪا تپسيا ڪجي
اڄ تہ توکي خدا ڪجي

### پيارا الطاف

زندگي موت جو غلاف
ڇئو پلا پائجي





يا لاهجي

### پياا نثار

زندگي درد هزار
ڪيئن گهٽائجي
ڪيئن ڇڏائجي

### پيارا علي

زندگي سراب جيئن کوکلي
ڇو پوبان ڊوڙجي
ءِ پاڻ کي ٻوڙجي

### پيارا عمر

زندگي اڪيلو سفر
ڪون ڪو آشيانو آ
هر گهڙي نشانو آ

### پيارا رمضان

زندگي بي ايمان
ڪوڙ جي لوڙهہ آ
هانءُ جي سوڙهہ آ

### پيارا معشوق

زندگي واري تي ڦوڪ
اُڏريو وڃي
وکريو وڃي

### پيارا مٺن

زندگي ڪٺن
گذري نٿي
نبري نٿي

**پيارا امتياز**

زندگي بي نياز
اوچتو سنوريو وڃي
اوچيو پڇريو وڃي

**پيارا چيتن**

زندگي پنھنجو وطن
اڄ تہ ڪيس ڇڏائجي
اڄ تہ ڪيس ٿاھجي

**پيارا حفيظ**

زندگي ڏاڍي غليظ
پوءِ بہ گذارڻي آ
۽ پاڻ ڪي سنوارڻي آ

**پيارا جميل**

زندگي ڏاڍي عليل
ڪا گھڙي حيات ۾
ڪا گھڙي ممات ۾

**پيارا حبيب**

زندگي رقيب
روز ٿي ڇوچا ڪري
روز ٿي حملا ڪري

**پيارا عطا**

زندگي بيوفا
اڌ ۾ ڇڏيو وڃي
موت ڏي لڏيو وڃي

**پيارا ارشاد**





زندگي نقاد
روز ڪا ترديد آ
روز ڪا تنقيد آ

**پيارا اشوڪ**

زندگي بد ذوق
روز جو انتشار آ
روز نئين ڪا گار آ

**پيارا ڪيراج**

زندگي مزاج
روز ٿي بدليو وڃي
روز ٿي بگڙيو وڃي

**پيارا حنيف**

زندگي ضعيف
سفر ۾ پيل شام جھڙي
جھور پوڙھي لام جھڙي

**پيارا خادم**

زندگي ظالم
ڪا پناھہ ڪوٺجي
يا جنگ جوٺجي

**پيارا نند**

زندگي سُڳنڌ
ھوائون ٿي مچرائجي
پوءِ لاھجي يا پائجي

**پيارا مھتاب**

زندگي آفتاب

اُيري بہ وئي
گُذري بہ وئي

**پيارا مجيد**

زندگي عيد
آئي تہ دير سان
گُذري سوير سان

**پيارا مشتاق**

زندگي درد و فراق
روز نئين انداز ۾
روز نئين رفتار سان

**پيارا ويرم**

زندگي تنهنجي نالي جيان
ترس ۾ گذريو وڃي
نبريو وڃي

**پيارا يونس**

زندگي چڻ سومَ رس
پاڻ پي ڪجهہ ڏوڪ تون
مونکي بہ ڏي ڪجهہ اوٽ تون

♦





# چوسٽا

❋❋❋

مـحـبـتـون اتـفـاق ٿـي مـلـيـون
چـنـڊ جـهـڙيـون پـاڪ ٿـي مـلـيـون
خانہ بدوش هئاسين تـنـهـنجون اکيون
راهـ ۾ ڪـو ٿـاڪ ٿـي مـلـيـون

❋❋❋

چـپـن جـي سريـلـي ادائـن تـي لـڪـجـي
يا خاموش ڪنهن جي نگهائن تي لڪجي
اوهـان جـون ٻـ ادائـون ڪـوڙ آهـن مـگـر
ڪڏهن تہ اسـانـجـي وفـائـن تـي لـڪـجـي

❋❋❋

هـزاريـن وار اوهـان جـا هـٿ ۾ آڱـريـون
اسان جي گريبان ۾ جڪڙنديون رهيون
اسـان جـون ٻـانـهـون مـگـر پـوءِ ٻـ
توهان جي آجيان لاءِ پکڙنديون رهيون

❋❋❋

صـالـح هـر انـسـان نـ ٿـيـنـدو
بـي مـوت مـري ڪـو مـهـان نـ ٿـيـنـدو
پـٽ تـ چـمـنـدا مـرنـدا رهـنـدا
پر هاڻـي ڪـوئـي بشـيـر خـان نـ ٿـيـنـدو

❋❋❋





❋❋❋

جڳـن ڪـي سـمـجـهـي سـگـهـيـن تـون نـاهـيـن
مـان مـهـيـن جـي دڙي جـي ٻـولـي تـ نـاهـيـان
نـٿـي پـيـار مـنـهـنـجـي تـي ويـسـاهـ ڪـريـن
مـان مـاتـيـلـي مـاءُجـي لـولـي تـ نـاهـيـان

❋❋❋

جي دوست نہ رهين منهنجو تہ دشمن ٿي پئجان
مونکي دوستن جيان دشمن ٻـ حسيـن گهرجن
خالي واعدي تي جيئڻ هاڻي وس ۾ ناهي رهيو
تون ايندين وري مون کي پختہ يقين گهرجي

❋❋❋

نہ مئخانو پنهنجو نہ پنهنجو ڪوئي جام
پاڻ تہ آهيون شام مڪلي جهڙي ماڳ ۾

❋❋❋

زندگي شادي جو ڳيچ هئي جڻ
ڪاج هو تيسين وئي پئي خوب خوب

❋❋❋

تنهنجي گهر پئسو ٻـ هـونـدو پـيـار ٻـ هـونـدو
مـنـهـنـجـي گـهـر بـس مـنـهـنـجـا وسـيـلا آهـن

❋❋❋

سامروٽي پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر: 02

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪاڳر تي لٽل خيال
موضوع: شاعري
شاعر: سرائي محمد رحيم خاصخيلي (رحيم خاصخيلي)

ڇاپو: پهريون
سال: 2016
ڪاپيون: 500
ڪمپوزنگ: اسد ساگر ميمڻ
ڇپيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر –03333173584
قيمت: 150 روپيا





